



افادات

حضرت مولانا حافظ پير
ذوالفقار احمد نقشبندي مجددي مدظله
مرتب: مولانا صلاح الدين سيفي گجرات

شريعت پبليڪيشن سکر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪوهه طور جو سفر“** اوهان اڳيان حاضر آهي. ڪتاب جو ليکڪ حضرت مولانا حافظ پير ذوالفقار احمد نقشبندي مجددي مدظلہ آهي جنهن کي مرتب مولانا صلاح الدين سيفي گجرات ڪيوآهي.هي ڪتاب شريعت پبليڪيشن سکر، اپريل 2016ع ۾ شايع ڪيو آهي.

هي ڪتاب الشريعه ڪمپوزرس روهڙي ڪمپوز ڪيو آهي. اسان ٿورائتا آهيون مولانا عبد الواحد چاچڙ صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ڪوھ طور جو سفر

افادات
حضرت مولانا حافظ پير
ذوالفقار احمد نقشبندي مجددي مدظلہ

مرتب
مولانا صلاح الدين سيفي گجرات

شريعت پبليڪيشن، سکر

سنڌ سلامت ڊجيٽل ايڊيشن

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪوهہ طور جو سفر
مرتب: مولانا صلاح الدين سيفي (گجرات، انديا)
ڇاپو: پهريون اپريل 2016ع
ڪمپوزنگ: شرعيہ ڪمپوزرس سکر
اِي ڪمپوزنگ: الشيخ ڪمپوزرس سانگي
ڇپائيندڙ: شريعت پبليڪيشن سکر
ملڻ جا هنڌ:
سنڌ جا سڀ ڪتاب گهر

# ناشر طرفان

مجدد العصر حضرت مولانا حافظ پير ذوالفقار احمد نقشبندي مجددي دامت برڪاتہ دين جي تبليغ ۽ ماڻهن جو دليون عشق الاهي سان پرڻ لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جو سفر ڪرڻ فرمايو آهي.

ڪجهہ سفرنامہ شايع ٿيا آهن جن سان پڙهندڙن ڪي علمي، روحاني ۽ دلچسپ معلومات ملي ٿي. 4 سفرنامہ شايع ٿيا آهن:

آزاد رياستوں کے چشم ديد حالات، لاہور سے تا خاک بخاری و سمرقند، دلو کے فاتح (سفر نامہ ترکی) سفر نامہ طور

حضرت سائين جن ڪوه طور جو سفر ڪرڻ فرمايو ۽ افريڪي ملڪ زيمبيا جي هڪ مجلس ۾ انجو احوال بيان ڪيائون جنهن کي هندستان جي عالم مولانا صلاح الدين سيفي (گجرات) قلم بند ڪيو ۽ مڪتبة الفقير آڪٽوبر 2009ع ۾ ميں کہاں کہاں نہ پہنچا تری دید کی طلب میں (سفر کوہ طور) جي نالي سان شايع ڪيو.

سنڌ جي مشهور، علمي ۽ اصلاحي رسالي ماهوار "شريعت" ۾ بن قسطن (ڊسمبر 2015ع ۽ جنوري 2016ع) ۾ شايع ٿيو. پڙهندڙ جي شوق کي سامهون رکندي ان کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪريرهيا آهيون.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ ان کي قبوليت عطا فرمائي ۽ پڙهندڙن لاءِ مفيد بڻائي!

عبدالواحد چاچڙ

خادم شريعت پبليڪشن سکر

# بسم الله الرحمان الرحيم

## نحمده العظيم و نصلي عليٰ رسوله الڪريم

**اما بعد:**

سيدنا موسيٰ عليہ السلام جي حالات ۽ سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جي واقعات جي پاڻ ۾ نهايت هڪ جهڙائي آهي. ان ڪري قرآن مجيد ۾ موسيٰ عليہ السلام جي واقعن جو تفصيلي ۽ گهڻو ذڪر ٿيل آهي. هجرت کان اڳي ۽ بعد الهجرة جي احڪام ۾ نمايان فرق آهي. جيئن موسيٰ عليہ السلام جي خروج ۽ قبل از خروج ۾ نمايان فرق هو. هجرت کان اڳي جهاد جو حڪم نہ هو ۽ هجرت کان پوءِ جهاد شروع ٿيو تہ رسول الله ﷺ پاڻ جن غزوات جي قيادت ڪرڻ فرمائي اهي ستاويهہ هئا ۽ سريا انهن کان علاوه هئا. حضرت موسيٰ عليہ السلام تي خروج کان اڳي قتال لاڳو نہ هو پر خروج سان ئي قتال جا حڪم اچي ويا ۽ پنهنجي علائقي کي آزاد ڪرائڻ ۽ جابرن کي نيست و نابود ڪرڻ جا احڪام اچي ويا مطلب تہ موسيٰ عليہ السلام جي زندگي ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ جي حيات طيبہ جي پاڻ ۾ گهري مناسبت آهي. □ـ□ □ـ□ن□أذ □□إ □أذ □کـ ـ□ ـ□لإبذ

۾ الله تعاليٰ ٽن نبين جي بنيادي مرڪزن جو ذڪر ڪندي اهو فرمايو. جيئن بائبل جي سفر شريعت جي باب 32 آيت 2 ۾ اهڙو اشارو ٿيل آهي. ان ۾ آهي تہ" خداوند سينا مان آيو ۽ شعير بيت المقدس مان انهن تي ظاهر ٿيو ۽ هو فاران جبل مان چمڪيو." شعير بيت المقدس جي وادي جبل جو هڪ نالو آهي. فاران ان جبل جو نالو آهي جنهن تي مڪو شهر ٻڌل آهي. طور تي موسيٰ عليہ السلام جي شريعت نازل ٿي. طور سينا جي جبل کي يهودين ۽ عيسائين وٽ اها ئي حيثيت حاصل آهي جيڪا اسان مسلمانن لاءِ مڪي شريف جي آهي. اجان مصر ۽ شام

جي فتح نہ ٿي ھئي تہ جبل طور جا پادري حضرت رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيا ۽ جبل طوربابت امان نامو وٺي آيا جيڪو امان نامو اڄ بہ ڪوہ طور جي ميوزم ۾ موجود آھي ۽ حضرت عمرو بن العاص رضہ فاتح مصر ڪوہ طورتي مسجد تعمير ڪرائي جيڪا اڄا تائين محفوظ آھي، جنھن ۾ وڏي عرصي کان پوءِ نماز پڙھڻ جي سعادت سائين جن کي حاصل ٿي. گھڻن مسلمانن کي اھا معلومات ڪونہ ھئي اسان جي مرشد سائين اھو سفر ڪري اھڙي عجيب معلومات ڏني آھي. جڻ تہ پڙھندڙ پاڻ انھيءَ سفر ۾ شريڪ آھي. اھو سفر بہ عجيب آھي تہ ان بيان جي دلنشيني بہ واھہ جو آھي. اسان چاھيو تہ ان بيان جي عجيب بيان کي عام پڙھندڙن تائين پھچايو.

مولانا مفتي عبدالوھاب چاچڙ

چيف ايڊيٽر ماھوار شريعت سکر

18 اپريل 2016ع مطابق 10 رجب المرجب 1437ھ

## عشق الاهي سان پرپور هڪ الله واري جي روئداد سفر

الحمد لله و كفيٰ وسلام علي عباده الذين اصطفي اما بعد:
فاعوذ بالله من الشيطان الرجيم بسم الله الرحمان الرحيم
حسبنا اللہُ و نعم الوكيل
سبحان ربک رب العزة عما يصفون و سلام علي المرسلين والحمد لله رب العالمين
اللهم صل عليٰ سيدنا محمد و عليٰ آل سيدنا محمد وبارک وسلم

**محبت جو ڪرشمو:**

محبت اهڙي شيءِ آهي. جيڪا محب کي محبوب سان ڳالهائڻ تي مجبور ڪندي آهي، جهڙي طرح الله پاڪ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجي ڪلام واري شرف سان نوازيو ۽ اها هم ڪلامي اجان هڪ قدم اڳتي وڌائيندي آهي جو ٻانهي جي محب کي ڏسڻ لاءِ ڪندي آهي. جيتوڻيڪ حضرت موسيٰ عليہ السلام کان علاوه هڪ لک چوويهه هزار نبين مان ڪنهن نبيءَ ائين ناهي چيو تہ اي منهنجا الله ! مان توکي هن دنيا ۾ ڏسڻ گهران ٿو جو حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪليم الله هئا، ڳالهائيندا هئا ۽ ڳالهائڻ سان ويتر ڳالهہ وڌي ويندي آهي، پوءِ ڏسڻ لاءِ دل چوندي آهي، تنهنڪري نوجوان ٻارن کي روڪيندا آهيون تہ فون تي غير محرم سان نہ ڳالهائيندا ڪريو، جيڪو ائين چوي تہ مان صرف ڳالهائيندو آهيان اهو پڪو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، انهيءَ ڪري جو صرف ڪچهريءَ تائين ڳالهہ ناهي رهندي ڳالهہ هميشہ اڳتي وڌندي آهي، اهو قرآني فيصلو آهي، جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو تہ " رب ارني انظر اليک" ( اي منهنجا الله! مان توکي ڏسڻ چاهيان ٿو) بهرحال محب ۽ محبوب جي ملاقات جتي هجي اها جڳهہ بہ ٻنهي کي

سني لڳندي آهي. انهيءَ ڪري ڏنو ويو آهي تہ ڪنوار جنهن گهر ۾ پهرين ڏينهن رخصت ٿي ايندي آهي. ڪٿي جو سال گذري وڃن. پر پوءِ بہ ان ڪي اهو گهر وڻندو آهي پوءِ ڪٿي جو اها محل ۾ رهڻ شروع ڪري، جڏهن بہ ان گهر جي ويجهو گذرندي ان جون يادون تازيون ٿي وينديون، تہ محب ۽ محبوب ڪي ملاقات واري جڳهہ بہ پياري هوندي آهي، انهيءَ ڪري الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ طور جو قسم ڪنيو (والطور) قسم آهي طور جبل جو.

قسم ڪڻڻ ۾ مفسرن اهوئي لکيو آهي تہ اها ملاقات جي جڳهہ هئي ان جڳهہ تي هم ڪلامي ٿي هئي ۽ زيارت لاءِ درخواست ڪئي وئي هئي، تہ الله پاڪ ڪي پنهنجي چاهيندڙن سان ايتري محبت آهي جو ان جڳهہ جو قسم ڪنيو.

ٻيو دليل: الله پاڪ ڪي نبي ڪريم ﷺ سان محبت آهي.نبي ڪريم ﷺ الله پاڪ جا محبوب آهن نبي ڪريم ﷺ جنهن شهر ۾ رهندا هئا. الله پاڪ ان شهر جو قسم ڪنيو "لا اقسم بهذا البلد و انت حل بهذا البلد" (البلد 12) مان قسم کڻان ٿو هن شهر جو ۽ توهان ان شهر ۾ موجود آهيو)

هڪ عجيب شعر:

ڪافي زمانو ٿيو آهي جو هڪ شعر پڙهيو هو عجيب لڳو پر ذهن ۾ رهجي ويو:

لازم تو نہیں کہ سب کو ملے ایک سا جواب
آو نا ہم بھی سیر کریں کوه طور کی

حضرت موسيٰ عليہ السلام کي تہ جواب ملي ويو هو تہ تون مونکي ڏسين نہ ٿو سگهين پر لازم ناهي جو سيني ڪي هڪ ئي جواب ملي تنهنڪري هلو تہ اسان بہ طور سينا جو سير ڪري اچون ٿا شروع

ڪان دل ۾ هڪ شوق هئو تہ جيڪڏهن الله پاڪ زندگي ۾ ڪو موقعو ڏنو تہ طور سينا کي ڏسنداسين، صرف هن وجهہ جي ڪري تہ اي الله پاڪ! تنهنجي هڪ چاهيندڙ هتي قدم رکيا هئا.

ناڪامي:

ڪافي سال پهريان هڪ دفعو مصر وڃڻ ٿيو ڪوشش ڪئي تہ اتي وڃڻ ٿئي پر ٻڌايو ويو تہ اتي عيسائين ۽ يهودين جو هولڊ آهي ۽ اهي ان علائقي ۾ مسلمانن جو وڃڻ پسند ناهي ڪندا پر جيڪڏهن هڪ اڌ وڃي بہ سهي تہ اهي انکي گم ڪري ڇڏيندا آهن خبر ئي ناهي پوندي تہ ڪاڏي ويو؟ ڇو جو اهو انهن وٽ ائين معظم آهي جهڙي طرح اسان وٽ بيت الله معظم آهي. جيئن اسان بيت الله جو حج ڪندا آهيون اهڙي طرح يهودي ان جڳهہ جو حج ڪندا آهن. جتي حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪلام فرمائيندا هئا، اتي انهن کي وڏو فخر آهي تہ انساني تاريخ ۾ الله پاڪ پنهنجي ٻانهي سان ڪلام فرمايو جيئن اسان معراج کي وڏي زور شور سان بيان ڪندا آهيون تہ يهودي ماٺهو طور سينا تي موسيٰ عليہ السلام جي وڃڻ ۽ هم ڪلامي کي وڏي تفصيل سان بيان ڪندا آهن. تنهن ڪري اهي هر سال ان جڳهہ جو حج ڪندا آهن ۽ جڳهہ بہ انهن وٽ مقدس آهي. تنهنڪري اهي ناهن چاهيندا تہ اتي ڪوئي ٻيو وڃي. جيتوڻيڪ ان وقت تہ ڪو حساب نہ نهي سگهيو پوءِ خيال ايندو رهيو تہ ڪڏهن ويندا سين.

**سفر جي عجيب تياري:**

پوءِ هن سال دل ۾ خيال آيو تہ چڱو سپريم ڪورٽ هلون ٿا ۽ اتي وڃي درخواست جمع ڪرايون ٿا تنهنڪري اسان بيت الله حاضر ٿياسين اتي الله پاڪ جي درگاه ۾ فرياد ڪئي درخواست ڪئي هڪ عمرو ڪيو ۽ ان عمري ۾ صر هڪ دعا گهري عمري جي سڄي طواف جي اندر، زمزم وٽ، سعي ۾ هر جڳهہ هڪ ئي دعا گهري تہ يا الله!

اتي وڃڻ آسان فرماءِ! پنهنجي شوق ۾ مست ماڻهو ائين ئي هوندو آهي. ان ڪان پوءِ ويزا جي ڪوشش ڪئي. اڄ ڪالهه جي حالات جي پيش نظر مصر جو ويزو وٺڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جنهن جي چهري تي سنت سجايل هجي پهريان تہ ويزا ڏيندا ناهن ۽ ڏيندا آهن تہ ايئرپورٽ ڪان واپس موٽائي ڇڏيندا آهن. ٽي ٽي ڏينهن ايئرپورٽ تي رڪندا آهن ۽ اتان ئي واپس ڪندا آهن.

خير مصر جي ايمبيسي ۾ ويزا لاءِ وياسين الله پاڪ مهرباني فرمائي جو اميد جي ابتڙ اسان اهوسمجهون پيا تہ اهي ٻہ سوال ، ڏهہ سوال، ويهہ سوال مطلب تہ جيڪي پڇندا تہ اسان ٻڌائيندا سين. الله پاڪ جو اهو شان ٿيو جو جيڪو شخص وينو هئو. ان هڪ بہ سوال نہ پڇيو، درخواست وني چوڻ لڳو تہ توهان ڏهن منٽن ڪان پوءِ اچي ويزا وٺي وڃجو. اسان ڏهہ منٽ اتي انتظار ڪيو جيسيتائين ويزا نہ لڳي ان وقت پريشان رهياسين هن ڪري جو هو جنهن ويزا جي لئہ هائو ڪئي اهو تہ استقباليہ تي وينو آهي ڪٿي ان کي ڪو وڏو آفيسر روڪي نہ ڇڏي چو تہ اسان جي تصوير چهري تي سنت واري هئي پر جڏهن ان اشارو ڪيو تہ توهان جي ويزا لڳي وئي آهي توهان پاسپورٽ حاصل ڪيو تڏهن اسان وياسين ۽ ويزا ورتيسون.

**سفر جي شروعات:**

هن سفر ۾ اسانجي دبئي جا ٻہ دوست هئا انهن بہ چيو تہ اسان بہ سفر ۾ هلنداسين. تنهنڪري اهي دبئي ڪان پهتا ۽ هي عاجز سعودي عرب ڪان مصر هليو ويو هاڻي انهن مصري ايئرپورٽ تي ٿلهن اکرن ۾ لکي ڇڏيو آهي " ادخلوا مصر انشاءَ الله آمنين" (مصر ۾ داخل ٿيو جيڪڏهن الله پاڪ گهريو تہ امن سان رهندو) پر اهي ماڻهو هن چهري ڪان گهڻو ڊڄن ٿا تنهنڪري جڏهن اسان پاسپورٽ ڪائونٽر تي وياسين تہ " وجعلنا من بين ايديهم سدا ومن خلفهم سدا فاغشيناهم فهم لا

يبصرون” سوره يٰس جي آيت 9 پڙهيسون. الله پاڪ مهرباني فرمائي جو ان ڏسندي ئي اسٽيمپ لڳائي ڇڏي پوءِ ان پاڻ سان گڏ ويهندڙ شخص جي باري ۾ چيو تہ جي هي اوڪي ڪندو؟ اهو شخص اصل ۾ انهن جي فوج جو ماڻهو هو ۽ ان وٽ هڪ الڳ ڪمپيوٽر رکيو هو ان ڪمپيوٽر ۾ انهن جا جيڪي مطلوب ( گهربل) ماڻهو هوندا آهن يا انهن جي آقائن جا مطلوب ماڻهو هوندا آهن انهن سيني جي ان ۾ ڊيٽا (معلومات) هوندي آهي. اسان کي خبر هن طرح پئي جو ڪمپيوٽر تہ اسان ڇاڻون پيا. هو اميد نہ پيو نہ ڪري تہ هي ملا مولوي ڏسڻ ۾ ايندڙ شخصن کي بہ ڪا ڪمپيوٽر جي ڪاڄاڻ هوندي. تنهنڪري اهو وڏو رليڪس وينو هو، اسڪرين هن طرح هئي جو اسان وٽس بيهي ڏسي سگهون پيا ان پاسپورٽ اسڪرين تي رکيو ٿوري ٿوري گهڙي ڪانپوءِ ٿلهن اکرن ۾ لکجي آيو غير مطلوب پوءِ ان چيو توهان وڃو اسان اڳتي هليا وياسين.

## قاهره ۾ قيام:

هڪ بہ ڏينهن تہ اسان قاهره ۾ ئي رهياسين، قاهره ۾ تمام گهڻا بزرگ دفن ٿيل آهن انهن ۾ هڪ حضرت حسين رضہ آهن جن جو جسم مبارڪ ڪربلا کان آڻي هتي دفن ڪيو ويو هو. امامن ۾ امام شافعي رحہ ئي هئا مڪي پاڪ جا پر هجرت ڪري هتي آيا هئا. ان کان پهريان مصر جا سيئي ماڻهو حنفي هئا پر انهن جي اچڻ کان پوءِ ملڪ مصر جا اڪثر ماڻهو شافعي بڻجي ويا. شيخ الاسلام عبدالله بن مبارڪ رحہ بہ اتي ئي دفن ٿيل آهن ۽ تابعين مان تعبير الرويا ڪتابچو لکندڙ محمد بن سيرين رحہ بہ اتي ئي دفن ٿيل آهن. سيد العارفين ابن الفارض رحہ هي عجيب الله جا عاشق هئا انهن جي باري ۾ حضرت شيخ الحديث رحہ آهي تہ جڏهن انهن کي موت جي وقت جنت ڏيکاري وئي تہ انهن

منهن موڙي فرمايو هو " ان كان منزلتي في الحب عندكم ما قد رايت فقد ضيعت ايامي" ( اي الله!) جيڪڏهن منهنجي سڄي زندگيءَ جو بدلو اهي باغ بهار آهن تہ پوءِ مان چا لڏو مان تہ سڄي زندگي تباهہ ڪئي مونکي تہ تنهنجي ڳولا آهي) اهي بہ اتي ئي قاهره ۾ دفن آهن سيده زينب رحہ، سيده سڪينہ رحہ ۽ سيده نفيسہ رحہ اهي بہ اتي ئي دفن ٿيل آهن مطلب تہ ايترا بزرگ هتي دفن ٿيل آهن جيڪي توهان سيڪڙن( سَوَن) ۾ ڳڻي سگهو ٿا. هڪ بہ ڏينهن اسان انهن مقامن کي ڏسندا رهياسين اسان جو پاڳ پلو هئو جو هڪ نوجوان ملي ويو جيڪويونيورسٽي ۾ پڙهي رهيو هو ۽ اهو بہ سالن کان تحقيق ڪري رهيو هو تہ کهڙي جڳهہ تي ڪير آهي ان سان گڏ ڊرائنگ ٺهيل هئي ۽ پورو پتو لکيل هو اهو گاڏي تي وٺي سڀ ڏيکاريندو ويو اسان جي لاءِ تہ پڪل پڪايل کيرٽي هئي پوءِ اسان اڳتي وڃڻ جو ارادو ڪيو.

## جتي شرم بہ شرمائي وڃي:

اسرائيل جو جيڪو مصر جي ويجهو باردر لڳي ٿو ان جي ويجهو سينا آهي ۽ ان وقت حالات هي هئا جو سرحد تي بمباري ٿي رهي هئي. تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ هئي. ان طرف وڃڻ کان پهريان ئي بڪنگ ڪرائي هئي. ان طرف وڃڻ کان پهريان سمنڊ جي ڪناري هڪ شهر اچي ٿو جنهن جو نالو شرم الشيخ اهو شهر ناهيو ئي شراب ۽ شباب لاءِ ويو آهي. ان کي ايترو صاف رکيو ويو آهي جو يقين نہ ٿو اچي تہ هيءَ دنيا آهي. ايئرپورٽ ڏسو جيئن شيشي جو ٺهيل هجي اسٽيل ۽ شيشي جو ڪم ٿيل آهي. ماڻهو ڏسي حيران ٿئي ٿو. هن شهر ۾ آهي ڪنهن ڏاڙهي واري ماڻهو کي وڃڻ ئي ناهي ڏيندا اسان جي وڃڻ کان ٿي ڏينهن پهريان سعودي عرب جا پنج ڊاڪٽر هڪ

ميٽنگ ۾ حاضري جي پڇتا انهن ۾ ٽي ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ ٻه ڏاڙهي وارا هئا ته انهن قاهره ۾ ٿي انهن ٻن سعودي عرب جي ڊاڪٽرن کي جن کي ڏاڙهي هئي روڪي ڇڏيو ۽ باقي ٽن کي ڇڏيائون ايتري سختي ڪندا آهن انجو سبب هي آهي ته هو يورپ جي ٽورسٽ کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندا آهن ۽ اهي ماڻهو اتي موڪلون ملهائڻ ايندا آهن ۽ اهي ائين هوندا آهن جو انهن کي ڪجهه انچن جو لباس به بار محسوس ٿيندو آهي تنهنڪري اهي اتي ڏاڙهي وارن کي وڃڻ ئي ناهن ڏيندا. توهان ائين سمجهو ڇڻ وڏي پيماني تي برائين جو مرڪز (جوا جو اڏو، جتي شراب و شباب جو انتظام هوندو آهي) هجي اهو اهڙي قسم جو شهر آهي.

اسان جڏهن پنهنجي هڪ ٻن ويجهن دوستن کي ٻڌايو ته اسان شرم الشيخ وينداسين ته اسان کي ته سمجهه ۾ ئي نه پيو اچي پر اهي اسان جي منهن کي ڏسي مسڪرائين پيا. اهي مون کان ته خاص طور تي پڇن پيا توهان شرم الشيخ ويندو مان چوان پيو ته هائو مان ويندس اسان کي ڪهڙي خبر ته اتي ڇا آهي؟ خير الله جو شان جو جڏهن اسان اتي وڃڻ لڳاسين ته قدرت سبب ناهيندڙ آهي ته ڪائونٽر تي جيڪو ماڻهو وينو هيو اهو ڪو چڱو ماڻهو هو جنهن اسان جا پاسپورٽ به چيڪ نه ڪيا اهو هڪڙو ئي ماڻهو ٿيئي پاسپورٽ وٺي هليو ويو ۽ بورڊنگ وٺي ڪٽي آيو. اسان اندر وڃي هڪ مسجد نهيل هئي ان ۾ ويهي رهياسين. جڏهن فلائٽ جي ٽائيم ٻاهر نڪتاسين ته ٻاهر تماشو! ته سڄي مخلوق يورپ جي ۽ اسان انهن ۾ هلندڙ ڦرندڙ آثار قديمه نظر اچون پيا. خير اسان کي پنهنجي ڪم سان مقصد هو اسان پنهنجي سيٽن تي ويهي رهياسين. ٻيا ساٿي ايترو ڇئي رهيا هئا ته هر سواري اسان جي طرف ڏسي پئي ته ماڻهو به انهيءَ جهاز ۾ شرم الشيخ وڃن پيا. خير الله پاڪ مهرباني ڪئي اسان هلياسين. جڏهن اتي لٿاسين ته

رات جا 9 تي چڪا هئا.

## طور سينا جي طرف:

قاهره ۾ هڪ ڊرائيور هئو جيڪو اسان کي ٻه ٽي ڏينهن گهمائيندو رهيو. پوءِ ته ان سان دوستي ٿي ويئي اسان ان کي چئي ڇڏيو هيو ته شرم الشيخ ۾ اسان کي هڪ ڊرائيور گهرجي جيڪو توهان جي واسطي سان هجي، انهيءَ ڪري جو جيڪڏهن ڪو نئون ماڻهو هوندو ته خبر ناهي ته الائي ڪٿي وٺي وڃي؟ ان پنهنجي دوست کي فون ڪيو جيڪو تقريبا ٻه سو ڪلوميٽر پري شهر ۾ رهندو هو. اهو اتان هلي ڪري اسان کي وٺڻ لاءِ آيو. خير رات جو نائين ٻجي اسان سفر شروع ڪيو. شروع جو سفر بلڪل سمنڊ جي ڪناري آهي. ان علائقي ۾ رات جو سفر اهو علائقو جيڪو اڳين ملڪ اسرائيل جي ويجهو آهي ۽ ان ملڪ جي اندر بمباري به ٿي رهي آهي هي هڪ ڏکيو ڪم هيو اسان جي رستي ۾ تقريبا ٻارنهن چيڪ پوسٽون آيون ۽ هر چيڪ پوسٽ تي فوجي هئا گاڏي روڪيندي ئي پهريان ته ڊرائيور کان پڇن پيا ته توهان سان گڏ ڪير آهن؟ جيڪڏهن هو چوي پيو پاڪستاني! ته اهي نالو ٻڌندئي ڦڪا ٿي پيا وڃن ۽ پوءِ جڏهن ليئو پائي ڏسن پيا ته ٽئي ڏاڙهي وارا ته پوءِ نور عليٰ نور، خير الله جو شان اسان انهن چيڪ پوسٽن کان آهستي آهستي گذرندا رهياسين دل۾ اهو ئي هيو ته مالڪ! جيڪڏهن تنهنجي طرفان رحمت جو معاملو آهي ته رستو ڪوئي نٿو روڪي سگهي. خير هلندي هلندي آخري چيڪ پوسٽ هئي ان جو جيڪو انچارج هيو اهو ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هيو چو ته ان کان اڳي وارو جيڪو علائقو هيو اهو عيسائين ۽ يهودين جو هيو. ان مان صاف ظاهر آهي ته هو اڳتي ته ڪنهن اهڙي ماڻهو کي برداشت ئي نه ڪندا ته اهو اچي ۽ ان جڏهن ڏٺو ته پڇيائين ته پاڪستاني؟ اسان چيو ته هائو اسان

جا پاسپورٽ ورتا ۽ اندر وٺي هليو ويو ۽ تقريبا ويهه پنجويهه منٽ اندر ئي رهيو مان پنهنجي ساٿين کي ته ان جي نيت اسان جي اڳتي موڪلڻ جي انهي ۽ واقعي ان جي نيت نه هئي. هن پوئتي قاهره فون ڪري رهيو هو ته هي ٿي شخص آهن ۽ اهي اهڙي صورت ۾ آهن ۽ ان طرف وڃڻ گهرن ٿا ان جي ڪوشش اها هئي ته ڪهڙي به طرح ان کي اسان جي ڪابه نندي خامي ملي ته مان انهن کي چوان ته مان انهن کي چوان ته توهان هتان هليا وڃو پر الله پاڪ مهرباني فرمائي پوءِ پاڻ اچي چوي ٿو ته پنهنجي بيگ چيڪ ڪرايو پويان بيگ پيال هئا مان پنهنجي ساٿين کي چيو ته ادا بيگ چيڪ ڪرايو ان ۾ ڪهڙو ڏوهه آهي؟ تقريبا ڏهه منٽ ٿي ويا اجا بيگون چيڪ ٿي رهيون هيون مونکي حيرت ٿي ته ايتري دير چا لاءِ لڳي رهي آهي؟ پوءِ مان ٻاهر نڪتس ٻاهر ڪافي ٿڌ هئي.

هونئن به ڪوهه طور سمنڊ جي سطح کان ٻه هزار ڪلوميٽر مٿي آهي تنهنڪري جڏهن مان ٻاهر ته مان ڏٺو ته ان منهنجي بيگ کولي ان ۾ هڪ مشين هئي. رت جي دوري (بلڊ پريشر) چيڪ ڪرڻ واري اهو ان کي مصيبت ٻڻائي بيٺو آهي ته توهان هي چا ڪٽي وڃي رهيا آهيو؟ ساٿي ان کي سمجهائي رهيا هئا ته هي جو اسان سان گڏ آهي هي پوڙهو ماڻهو آهي هن کي ميڊيسن استعمال ڪرڻ بعد بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻو هوندو آهي. هو مڃي ئي نه پيو. اصل ۾ اهو مڃڻ ئي نه پيو گهري. مان جڏهن ان جي منهن ۾ گهنڊ ڏٺا ته ساٿين کي چيو ته ٻيهر مان مان ٿو ان کي سمجهيان مان ان کي چيو ڏس پائو هيءَ بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ جي مشين آهي. ڪٽي آءٌ مان توهان جو بلڊ پريشر چيڪ ڪري ٻڌايان ٿو. جيئن ئي مان ميٽر پڪڙيو ۽ ان جو هٿ پڪڙيو ته هو منهنجي طرف ڏسي پيو سوچيندو هوندو ته ڪٿان هي ڊاڪٽر اچي نڪتو خير ان کان پوءِ ان چيو ته نيڪ آهي توهان پلي وڃو. الحمدلله پوءِ اسان گاڏيءَ ۾

ويهي اتان هلياسين.

## وادي مقدس:

خير اڳتي جتي اسان پهتاسين ان جڳهہ جو نالو " وادي مقدس" آهي. اها تقريبا اٺن نون ڪلوميٽرن جي پهاڙي آهي. وچ ۾ هڪ وادي آهي. ڪوهہ طور پهاڙ جي مٿان ساوڪ ناهي جيئن ڪشمير ۽ مريءَ جا جبل سرسبز(ڇهچ ساوا) هوندا آهن. هي ائين ناهي بلڪ احد، جبل نور ۽ جبل ثور وانگر ئي هڪ جبل آهي ۽ ڳاڙهي گرينئٽ جو نهيل آهي، هارڊ پٿر آهي. جيڪي بيت الله ويا آهن اتي جيڪي بيت الخلاء جي اندر سرخ گرينئٽ استعمال ٿيل آهي. هي ان طرح جو گرينئٽ آهي. ان ايڏي وڏيءَ وادي ۾ ڪٿي ڪٿي ڪو گاهہ ڦٽل نظر اچي پيو هتي تہ انهن هڪ هوٽل ناهيو آهي. جيڪا فائيو اسٽار هوٽل آهي. جيڪو تمام خوبصورت ناهيو ويو آهي اها تہ اسان کي پوءِ خبرپئي تہ ملڪن جا سربراهہ جيڪي هتي ايندا آهن اهي هن هوٽل ۾ رهندا آهن. اهڙي طرح فرانس جو صدر هتي رهيو، اٽليءَ جو صدر هتي رهيو ۽ مصر جو صدر رمضان جا آخري ڏهہ ڏينهن ان ۾گذاريندو آهي تہ جتي ملڪن جا پريزيڊنٽ رهندا هجن تہ اها ڏاڍي ئي اهم جڳهہ هوندي آهي. ان هوٽل ۾ گهڻي سيڪورٽي هئي. اسان جو هڪ ساٿي اندر ويو ۽ استقباليہ ۾ وڃي ڳالهہ ڪئي تہ انهن چيو تہ توهان هتي ڪيئن؟ ان چيو تہ اسان هتي رات رهڻ آيا آهيون. اسان جي بڪنگ نٿي ٿي سگهي هاڻي. الله جو شان ڏسو ائين ٿيو جو جنهن نوجوان ان ۾ بڪنگ ڪرائي هئي انجي سڄي پڙهائي امريڪا جي هئي ۽ اهو نوجوان ان ٻولي ۾ ڳالهائندو هيو. ان دبئي مان فون تي بڪنگ ڪرائي هئي. انهيءَ هوٽل ۾ جيڪا عورت استقباليہ تي بڪنگ ويني رهي هئي. هوءَ سمجهي رهي هئي تہ شايد ڪو امريڪي ڳالهائي رهيو آهي. انهيءَ ان جي

ڪريڊٽ ڪارڊ مان رقم بہ ورتي. بهرحال هوٽل ۾ بڪنگ ڪندڙ هي تصور ڪيو هو تہ ڪو امريڪي اچڻ وارو آهي. جڏهن اسان حاضر ٿياسين تہ اهي اسانکي ڏسي حيران ٿيا هاڻي اهي شڪلون ڏسي چوڻ لڳا تہ توهان هتي نٿا رهي سگهو ۽ جڏهن بڪنگ ڪوڊ نمبر ڏسندا آهن بڪنگ موجود هئي. انهيءَ سوچ ويچار ۾ تقريبا پنجيتاليهہ منٽ گذري ويا. خير انهن رهڻ لاءِ اسان کي هڪ ڪمرو ڏنو. اسان پنهنجي دوستن کي چيو تہ دوستو الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي فرمايو هو “ انک بالواد المقدس طويٰ(طه12) ( توهان هڪ مقدس وادي طويٰ ۾ آهيو) هيءَ اها وادي آهي ۽ اسان قسمت سان تهجد ۽ مراقبہ ۾ اها رات گذاري. جڏهن صبح ٿي تہ اسان ناشتو ڪيو پوءِ اسان جبل طور جي طرف روانا ٿياسين.

## جبل طور جي طرف روانگي:

منهنجي دل ۾ قدرتي هڪ ڳالهہ آئي تہ هوٽل وارن اسان کي رات قبول ڪيو آهي. هاڻي اسان هوٽل جي هڪ رات جا رهائشي بہ ٿياسين. انهن کي چئون تہ اسان کي هڪ رهبر ڏيو جيڪو اسانکي صحيح جڳهن تي وٺي وڃي ۽ اسان کي انهن جي متعلق ٻڌائي. اسان ان جي فيس ادا ڪنداسين.

تجربي جي ڳالهہ:

مان پنهنجي زندگي ۾ ڪوشش ڪئي آهي تہ اهڙين (نين) جڳهن ۾ انسان رهنمائي وٺي سفر ڪري، جيڪو غيرمقلد بڻجندو آهي تہ اهو گهڻين ڳالهين کان محروم ٿي ويندو آهي. بهرحال ساٿي ويا ۽ هوٽل واري کي چيائون اسان کي رهبر گهرجي. انهن فيس وٺي. رهبر ڏنو الله پاڪ جو شان جو اهو رهبر سنو نوجوان هئو ان کي ڏاڙهي تہ ڪانہ هئي. پر جڏهن اچي وينو تہ اسان جون صورتون ۽ شڪلون ڏسندو رهيو

ڪجهہ ديربعد چوڻ لڳوتہ مونکي توهان جي مسڪين شڪل ڏاڍي سٺي ٿي لڳي اسان چيو الحمد لله انجو فائدو اسان کي ٿيندو جو توهان چڱي طرح وزٽ ڪرائيندو.

رات جو هن پوري علائقي ۾ نہ ماڻهو هئو نہ ماڻهو جي ذات پر جڏهن صبح جو وياسين تہ ڪافي جڳهن تي فوج بيٺي هئي ۽ زائرين جون قطارن جون قطارون لڳل هيون. اسان جي اندازي مطابق تقريبا ٻہ هزار وزٽ ڪرڻ وارا هئا. پوءِ خبر پئي تہ اهي سيئي وزٽ وارا جيڪي شرم الشيخ ۾ موڪلون گذارڻ ايندا آهن تہ اهي موڪلون گذارڻ بعد هتي حج ڪري واپس ويندا آهن. اهي شرم الشيخ مان هلندا آهن ۽ ٽن يا چئن ڪلاڪن ۾ هتي پهچي ويندا آهن ۽ منجهند جو کاڌو ان هوٽل ۾ کائيندا آهن جنهن ۾ اسان رات گذاري هئي ان هوٽل ۾ رات جو ايترا ماڻهو ناهن هوندا اهو هلندو ئي منجهند جي ماني تي آهي. پلا جنهن هوٽل ۾ روزانہ ٻہ هزار ماڻهو کائڻ لاءِ ايندا هجن تہ هوٽل وارن جا مزا هوندا.

## سينٽ ڪيٿرائڻ:

هتي جيڪي ماڻهو هئا انهن جا ڪپڙا براءِ نام هئا ۽ سيئي هڪ منزل جي طرف روان دوان هئا. اسان گاڏي ۾ هئاسين. هڪ جاءِ تي بيريئر هئي. ان بيريئر کان تقريبا ٻہ ڪلوميٽر اڳتي گرجا گهر هيو. ان جو نالو آهي سينٽ ڪيٿرائڻ هي سينٽ ڪيٿرائڻ هڪ پادرياڻي جي هئي. ان پنهنجي زندگي اتي عبادت ۾ گذاري عيسائين وٽ ان عابده جو مقام ائين آهي جيئن اسان وٽ رابعہ بصري رحہ جو مقام آهي ان ڪري انهيءَ جي نالي سان اتي چرچ ناهيو ۽ اهو اڃا تائين نهيل آهي. ان ۾ انهن جا ويهہ يا پنجويهہ منڪ ( يعني وڏا پادري رهندا آهن. چرچ ڪافي وڏو آهي. ماڻهو گهمي ٿڪجي پئي ايڏو وڏو آهي. ان لاءِ ٻہ ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. اهي ٻہ هزار ماڻهو رستي تي ائين

پڪڙيل هئا جڻ ڪو ميلو آهي.

## الله پاڪ جي مهرباني:

الله جو شان! جڏهن اسان ٻه ڪلوميٽر پهريان جتان ماڻهن کي پنڌ وڃڻو هوندو آهي اتي پهتاسين ته ان گائيڊ (رهبر) چيو ته هتي هڪ منهنجو ڪرنل دوست آهي. جيڪو سيڪيورٽي ۾ ڊيوٽي ڪندو آهي. مان ڏسان ٿو ته اهو آهي يا نه آهي. ان رهبر گاڏيءَ مان فون ڪيو الله پاڪ جو شان ان ڏينهن جيڪا شفٽ هئي اهو ڪرنل ان جو هيڊ هيو اسان جي گائيڊ ڪرنل کي چيو سائين هي منهنجا مهمان آهن ۽ اهي اچين ڏاڍهين وارا پوڙها آهن. جيڪڏهن توهان مون تي پروسو ڪيو ته مان انهن کي سينٽ ڪيٿرائڻ جي دروازي وٽ ڇڏي اچان اهو ڪرنل ان جو دوست هيو تنهنڪري انهيءَ کي اجازت ڏنائين چيائين هي توهان جو نمبر آهي جيڪي ڊيوٽي تي بيٺا آهن توهان انهن کي نمبر ٻڌايو ۽ اندر هليا وڃو اسان جي گاڏي هڪ دروازي ڪان اڳتي وڌي اتي گيٽ ٺهيل هئا. اسان کي اتي روڪيائون اسان جي رهبر نمبر ٻڌايو پوءِ انهن ان جي تصديق ڪرڻ کان پوءِ دروازو کوليو ته اتي سڄي مخلوق پنڌ هلي پئي ۽ اسان ڏاڙهين ۽ پٽڪن وارا ڪار ۾ ويهي سفر ڪري رهيا هئاسين. ته سڀ حيران ٿي ڏسي رهيا هئا. ته هيءَ مخلوق هتي ڪيئن اچي وئي؟ اسان پنڌ هلون ٿا هي ڪيئن گاڏين تي وڃي رهيا آهن. خير الله پاڪ مهرباني ڪئي ۽ اسان کي دروازي تي پهچائي اسان کي چيائين ته مان واپس چيڪ پوسٽ تي وڃان ٿو جڏهن توهان واندا ٿيو ته مونکي فون ڪجو مان توهان کي وٺي ويندس.

## موسيٰ عليہ السلام جو ڪوهہ:

ان چرچ جي اندر هڪ ڪوهہ آهي ان ڪوهہ جي باري ۾ عيسيائين جو هي خيال آهي ته حضرت موسيٰ عليہ السلام جي لٺ سان اهو پاڻي

وهي پيو. هو جيئن پارنهن چشما ظاهر ٿيا هئا تنهنڪري عيسائين جو چوڻ آهي تہ هي بہ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي لٺ سان ظاهر ٿيو آهي ان پاڻيءَ جو ائين احترام ڪندا آهن جيئن اسان آب زم زم جو احترام ڪندا آهيون. ۽ ماڻهو پيئن پيا. خير اسان چرچ جو معائنو ڪيو انهن ان ڪي هڪ ڪوٺ جي شڪل جهڙو ناهي چمڪايو آهي ۽ سون ۽ چاندي اهڙي چاڙهيو اٿن جو انسان دنگ رهجي وڃي.

## تجليءَ واري وڻ جي پاڇي ۾:

ان ڪان پوءِ اسان هڪ جڳهہ تي وياسين ان جو نالو رکيو اٿائون برننگ بش (شجر تجلي) حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي گهرواري اميد سان هئي ۽ ٿڌ بہ ڏاڍي هئي. جڏهن اهي هڪ جڳهہ تي پهتا تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي گهرواريءَ کي چيو تہ تون انتظار ڪر مون کي پري ڪان باهہ نظر اچي رهي آهي. " آتيڪم منها بقبس او اجد علي النار هديٰ" (طه 14) يعني مان توهان جي لاءِ ان مان ٿوري باهہ ڪٽي اچان ٿو يا جيڪڏهن باهہ نہ بہ ملي تہ اتي ڪنهن کان ڏس ملي ويندو.حضرت موسيٰ عليہ السلام باهہ ڪٽڻ آيو هو پر اهو هڪ وڻ هئو ۽ ان تي الله جي تجلي (چمڪ) ٿي رهي هئي. ۽ ان تجلي جو نور باهہ وانگرنظر اچي رهيو هو. حضرت موسيٰ عليہ السلام جڏهن ان جي ويجهو آيا تہ آواز آيو " فاخلع نعليڪ انڪ بالواد القدس طوي" ( توهان جتين کي لاهيو ڇو تہ توهان پاڪ وادي طويٰ ۾ آهيو) ۽ " انني انا الله لا اله الا انا فاعبدني واقم الصلواة لذڪري" تہ اهو برننگ بش( شجر تجلي) آهي ان باري ۾ اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ اجا تائين اهو ئي موجود آهي. پر انهن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جڏهن اهو پراڻو ٿيندو آهي تہ ڪومائجي ويندو آهي. ان کي ڪٽيندا آهن ۽ ان جي اندران نئون ڦٽندو آهي بس اهو آهي جو انهيءَ جڳهہ تي ان نسل جو اهو وڻ ڦٽندو رهيو آهي ان جا پن ساوا هوندا آهن ۽ ڪرندا بہ نہ آهن انهن ماڻهن ان

وڻ ڪي هٿ پهچڻ جيترو مٿي ڪٽي ڇڏيو آهي ان وڻ ڪي ماڻهو ڏسڻ ويندا آهن ۽ انهن جي نظر ۾ ان وڻ ڪي ڏسڻ ائين آهي جيئن حج جو هڪ رڪن ادا ڪرڻ خير اسان کي ٻڌايائون ته اهو سامهون ٻرندڙ ٻش (شجر تجلي) آهي مان پنهنجي دوستن کي چيو ته اسان قرآن مجيد جي هڪ آيت تي عمل ڪريون؟ چوڻ لڳا سائين ڪهڙي؟ مان چيو " فاخلع نعليڪ" جتيون لاهيو. الله تعاليٰ هن جڳهه تي موسيٰ عليہ السلام کي اهو حڪم فرمايو هيو. اڄ اسان به قرآن پاڪ جي ان آيت تي عمل ڪريون، اهڙي طرح اسان جتا لاٿا ۽ اڳتي جيڪي چند قدم هئا پيرين اگهاڙو هلياسين اتي وڃي ان وڻ ۾ ٻيو ته ڪجهه ڏسڻو ڪونه هو. ان ڪري ان جي ويجهو پٿر جي بينچ تيوجي ويناسين اتي اسان چيو ته ڏسو ادا هي اها جڳهه آهي جتي الله پاڪ جي تجلي لٿي هئي. اها ڳالهه قرآن پاڪ مان ثابت آهي ته الله پاڪ ان کي مقدس جڳهه چيو آهي ته اهي تجليون ختم ته ڪونه ٿيون هونديون. اڃا تائين موجود هونديون. تنهنڪري ويهو توبه، ذڪر ۽ مراقبو ڪريون خبر نه آهي اسان کي ڪيترو وقت لڳو ڏهه منٽ يا اڌ ڪلاڪ البت اسان خوب مراقبو ڪيو جڏهن اٿياسين چا ڏسون ته فوج جو ڪرنل سامهون بيٺو آهي. اهو سينٽ ڪيٿرائن جي سيڪيورٽي اسٽاف جو هيڊ هو. جڏهن ان ڏٺو ته اسان گيٽ ۾ داخل ٿياسين. ڊگها ڪپڙا پٽڪا ۽ ڏاڙهيون ته اهو اچرج ۾ پئجي ويو هيو ۽ اسان کي وڊيو ڪيمرا جي ذريعي چيڪ ڪري رهيو هو ته اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون ۽ چا ڪري رهيا آهيون؟ جڏهن اسان اتي ڪنڌ جهڪائي دير تائين وينا رهياسين ته اهو ويجهو ٿي ڏسڻ آيو ان ڪري جو اها انهن لاءِ نئين شيءِ هئي ته هي ماڻهو آيا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا آهن. جڏهن اٿياسين ته اهو سامهون بيٺو هو ۽ ڏاڍو ناراضگي ۾ هو مان ان کي هيلو هاءِ ڪئي جيئن ان موقعي تي ڪبي آهي ۽ مان مسڪرائي ان جي طرف ڏٺو پر ان بلڪل نه

مسڪرايو هو ناراضگي ۾ رهيو ۽ پڇيائين توهان ڪٿان آيا آهيو؟ اسان چيو پاڪستان کان ان جو پهريون سوال هو تہ توهان هتي ڇو آيو؟ توهان سعودي عرب وڃو. پوءِ اسان ان کي سمجهايو تہ ڀائو موسيٰ عليہ السلام اسان جو بہ پيغمبر آهي. بس مونکي اندازو ٿيو تہ هي ناراض لڳي رهيو آهي. پوءِ الله پاڪ مهرباني ڪئي تہ خاموش ڪم (توجهہ)اهو ڪم اچي ويو. ڪجهہ وقت ان سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هو ڪجهہ اسان سان مانوس ٿي ويو ۽ ان کي اسان جي مسڪين شڪل پسند اچي وئي پوءِ مونکي چيائين تہ توهان کي اها جڳهہ ٻڌايان جيڪا توهان جي ڏسڻ جي آهي؟ اسان چيو ڇو نہ؟

## هڪ قديم مسجد:

ڇوڻ لڳو تہ هڪ صحابي حضرت عمرو بن العاص رضہ هتي آيو هيو (جنهن مصر کي فتح ڪيو) ان چرچ جي اندر هڪ مسجد ٺاهي هئي. اها مسجد اڃا تائين آهي پر پادرين حڪومت کان چارج وٺي رکي آهي ۽ انهن ان کي بند ڪري رکيو آهي. ڪو ماڻهو اتي وڃي نٿو سگهي مسجد تہ پنهنجي جاءِ تي آهي پر تالو لڳل آهي ان جي اندر وڃڻ ۽ نماز پڙهڻ منع آهي ان جو اهو دروازو بند رکن ٿا. جڏهن ان ڪرنل اسان کي ٻڌايو تہ اسان جي دل ۾ ان مسجد جي اندر وڃڻ جو شوق ٿيو تہ ان کي هڪ صحابي ٺاهيو آهي خبر ناهي تہ اسان جا ڪيئي وڏڙا هتي آيا هوندا ڇوڻ لڳو تہ توهان ڀاڳن وارا آهيو جو ان مسجد جي ويجهو مرمت ۽ تعمير جو ٿي رهيو آهي ۽ مزدور سيمنٽ ۽ سرون ڪڻڻ لاءِ اچن وڃن ٿا. توهان وڃو جيڪڏهن ڪوئي پڇي توهان هتي ڪيئن آيا آهيو؟ تہ چئجو دروازو کليل ڏسي اسان اندر آياسين سبحان الله جيڪو اتان جو پهريدار آهي اهو ئي اسان کي واٽ ڏسي رهيو آهي اهو اتي ئي بيهي رهيو اسان آرام سان دروازو کوليو ۽ ٿيئي اندر وياسين۽ اهو گائيڊ بہ ڏاڍو خوش هيو تہ مونکي اندر وڃڻ جو اڄ موقعو ملي ويو.

مسجد ايتي وڏي نہ هئي ان جي دروازي کي تالو لڳل هيو پر شيشن مان اندريون حصو ڏسڻ اچي رهيو هو. مان ساٿين کي چيو تہ چاشت نماز جو وقت آهي ۽ وضو بہ آهي دل گهري ٿي بہ رڪعتون پڙهون. ان رهبر چيو تہ انهن جا پادري ڦري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو تہ اسان اندر اچي ۽ نماز بہ پڙهي آهيون تہ اها خطرناڪ ڳالهہ آهي. مان چيو تہ اسان تہ نمازپڙهنداسون ان چيو ڪيئن پڙهندو؟ مون چيو تہ ان جو طريقو مان ٻڌايان ٿو ٿيئي منهن ٻئي طرف ڪيو ۽ پاڻ ۾ ڪچهري شروع ڪريو مان توهان جي پنيءَ جي اوٽ ۾ بيهي بہ رڪعتون پڙهي وٺان ٿو. انهن ائين ڪيو الله پاڪ جو شان مان اجا هڪ رڪعت مس پڙهي هئي تہ اتي هڪ وڏو پادري اچي ويو لڳي پيو تہ اهو وڊيو جي ذريعي نگراني ڪري رهيا هئا. انهن اسان کي مسجد جي دروازي وٽ ڏسي ورتو هو اهو آيو ۽ مونکي ڏسندو رهيو جيئڻ ڪو ناراضگي ۾ هوندو آهي. اسان جا ساٿي گهبرائجي ويا تہ هي هاڻي اسان کي پڪڙيندا ۽ چوندا تہ هتان نڪري وڃو اجا اسان کي ٻيون زيارتون بہ ڪرڻيون هيون. خير اسان دعائون گهريون ۽ ٻاهر نڪري آياسين ٻاهر اسان ڏٺو تہ جيڪو ڪرنل هيو اهو اجا تائين انهيءَ جڳهہ تي بيٺو هو اسان ان کي ٻڌايو تہ ادا! اسان ڏسي بہ آياسين ۽ نماز بہ پڙهي آياسين. تنهن تي هو کلي پيو. الله پاڪ جو شان ڏسو جو الله جل جلالہ دلين ۾ محبت وجهندڙ آهي. هو مونکي چوڻ لڳو تہ چا توهان شجر تجليءَ جا پن وٺڻ پسند ڪندو؟ مان چيو چو نہ؟ چيائين تہ توهان کي خبر ناهي ان تي تہ پابندي آهي؟ پوءِ چوڻ لڳو چڱو مان توهان کي اهي پن ڏيندس پر توهان انهيءَ بينچ تي جتي پهريان ويٺا هيو اتي وڃي پهريان وانگر (مراقبي ۾) ويهو تہ پوءِ مان توهان کي پن پٽي ڏيان. ان جو سبب هي آهي اصل ائين ٿيو جو اسان تہ هليا وياسين برننگ بش (شجر تجلي) وٽ وڃي ويهي رهياسين ۽ مراقبو شروع ڪيوسين. جڏهن اسن مراقبو

ڪري رهيا هئاسين تہ جيڪي زائرين هجوم ڦري رهيو هو اهي ان شجر تجلي جون بہ ٿي تصويرون ڪڍي باقي اسان جون تصويرون ڪڍي رهيا هئا اسان جي چوڌاري رش ڪي ان ڪرنل ڪيمرا جي ذريعي ڏنو تہ هيءَ سڀ قوم ڪنهن شيءِ جي پنيان بيٺل آهي جو شجر تجلي هيڏانهن آهي ۽ انهن جون ڪيمرائون هيڏي هلي رهيون آهن تہ ان اهو منظر ڪيمرا جي ذريعي ڏنو اسان کي خبر نہ هئي اسان تہ مراقبي ۾ وينا هئاسين مراقبي ختم ڪرڻ تي محسوس ٿيو تہ اسان وٽ هڪ مائي بيٺي آهي ۽ ان جو مڙس فوٽو ڪڍي رهيو آهي. ٻئي طرف ڏٺو تہ هوڏانهن ٻيو ماڻهو بيٺو آهي ۽ ان جي زال ان جو فوٽو ڪڍي رهي آهي. اهڙي جي زندگي تہ ائين هوندي آهي اسان ان ڪرنل کان پڇيو تہ پلا توهان اسان کي ويهڻ لاءِ چو چيو؟ ان ٻڌايو تہ ان وڻ وٽ تقريبا پنج سو ماڻهو هر وقت هوندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان جا پن پٽيندو آهي تہ ان کي سزا ملندي آهي. تنهنڪري مان ماڻهن جي سامهون پن نہ پيو ٽوڙيسگهان. جڏهن ماڻهو توهان جا فوٽو ناهڻ ۾ مصروو ٿي ويا تہ وڻ جي سائيڊ خالي هئي ان دوران مان ڪجهہ پن ٽوڙيا خير انجا پنج يا ڇهہ پن اسان کي ڏنائين انهيءَ شجر تجلي وٽ ويهي اسان دعا گهري ۽ مان پنهنجي ساٿين کي چيو تہ انهيءَ جڳهہ تي الله پاڪ کي اهو عرض ڪرڻ گهرجي تہ الله! ان جڳهہ تي هڪ ڪانديري هئي انهيءَ تي توهان جون تجليون پيون هيون. اسان ميريون دليون کڻي آيا آهيون انهن تي پنهنجون تجليون ڪرڻ فرماءِ! بهرحال اها نور سان ڀريل ۽ پُر سڪون جاءِ هئي.

## هڪ تاريخ:

اسان کي خبر پئي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جو زمانو هئو. ان وقت جيڪي هتان پادري هئا اهي مدينہ شريف ويا هئا ۽ انهن وجي

ڪري نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ هيءَ ڳالهه عرض ڪئي هئي ته سائين! اسان جي اها (شجر تجلي واري) جڳهه آهي جيڪڏهن توهان جو دين ڦهلجي هتي پهچي وڃي ته اها جاءِ اسان وٽ ئي رهڻ جي مهرباني ڪجو. اسان کي امن نامو لکي ڏيو؟ نبي ڪريم ﷺ اهل ڪتاب جو احترام ڪندا هئا انهن سان مهرباني ڪندي نبي ڪريم ﷺ انهن کي امن نامو لکي ڏنو. انهن هاڻي جيڪو ميوزيم ٺاهيو آهي اهو امن نامو ان ۾ لڳل آهي ان تي حضرت عمر رضه ۽ حضرت علي رضه جو صحيحون به هيون اها ڳالهه اسان کي رهبر ٻڌائي ته انهن ميوزيم مٿي ٺاهيو آهي ۽ اها انهنجي خاص جڳهه آهي. تنهنڪري عام وڃڻ ناهن ڏيندا ۽ جيڪي وڃي رهيا هئا تن ڪان هر هڪ ماڻهو جا پنجاهه ڊالر وٺي رهيا هئا. ۽ اهي ماڻهو حج ڪرڻ آيا هيا تنهنڪري هيءُ ذهن بڻائي آيا هئا ته ڪوهه جو پاڻي پيو، شجر تجلي جون تصويرون ڪيو ۽ ميوزم ڏسو پوءِ واپس هليا وجو تنهنڪري انهن لاءِ پنجاهه ڊالر ادا ڪرڻ ڪو ڏکيو نه آهي.

فرض ڪيو جيڪڏهن ٻه سو ماڻهو هجن ۽ هر هڪ ڪان پنجاهه ڊالر ورتا وڃن ته اهي ڏهه هزار ڊالر ٿين ٿا ۽ اسان کي خبر پئي ته ان چرچ جو پورو خرچ ان ميوزيم جي آمدني مان هلائن ٿا انهن جو عملو انهن جون گاڏيون ۽ انهن جي زندگي شاهي هئي. الله تعاليٰ جو شان اسان به وياسين اتي ڊگهي قطار هئي. اسان به لائين ۾ لڳي وياسين جڏهن اسان دروازي وٽ پهتاسين ته دروازي جي اندر پادري ويٺو هو ان شايد ڪيمرا لڳائي رکي هئيان مان ڏسي پيو ۽ ٻڌائي پيو ته فلاڻي کي اندر موڪليو جڏهن اسان جو نمبر آيو اسان ٺنهي کي هڪ طرف ڪري ڇڏيائين ۽ اسان جي پويان انگريزن کي سڏڻ شروع ڪيائين جيڪو ماڻهو دروازي وٽ ويٺو هو اهو مصر جو هو، اسان ان ڪان پڇيو ته يلا! اسان کي اندر چو نه ٿا وڃڻ ڏين؟ ان چيو ته اجان اجازت ناهي ملي

توهان انتظار ڪيو اسان کي پنڌرهن ويهه منٽ انتظار ڪرڻو پيو اسانجي ساٿين مونکي ٻه دفعا چيو ته سائين هلون ٿا ھي اسان کي اندر وڃڻ ڪونه ڏيندا. مان چيو ٿورو وقت ويهو! پنڌرنهن ويهن منٽن کان پوءِ ان پادري اسان کي اندر گهرايو. ان اسان کان پڇيو توهان ڪير آهيو؟ اسان چيو پاڪستان کان آيا آهيون. پڇڻ لڳو ڇو آيا آهيو؟ اسان چيو اسان ھي جڳهه ڏسڻ آيا آهيون. ان اسان کان ٻه چار سوال ڪيا پر ھر ھر مون کي چئي رهيو ھو توهان ڪير آهيو؟ مان بار بار ان کي جواب پيو ته مان اليڪٽريڪل انجنيئر آهيان، خير ان اسان کي ٽڪيٽون ته ڏنيون پر اهو سوچيندو رهيو، جڏهن اسان کي اجازت ملي ته اسان اندر وياسين اسان اها سڄي جڳهه ڏٺي ۽ اتي ڪوڙ ناياب شيون گڏ ڪيل آهن اهي سڀ ڏسي اسان جڏهن واپس آياسين ته ان پادري اسان جي هڪ ساٿي کي گهرايو ۽ چوڻ لڳو ھي ماڻهو ڪير آهي؟ ان چيس ھي منهنجو استاد آهي، پادري چيس ھي ته پنهنجو پاڻ کي انجنيئر چوي ٿو، ساٿي چيس ھي اسان جو استاد آهي ۽ انجنيئر به آهي.ان چيو چڱو مان توهان جي فيس واپس ڪيان ٿو ساٿي آيو خوش ٿي ڪري ته سائين! ان منڪ( پادري) اسان کي فيس واپس ڪئي. مان چيو ته اصل سبب ھي آهي جو ھي اهو پادري آهي جنهن مونکي نماز پڙهندي ڏٺو ۽ چو ته اڄ ڪافي زماني کانپوءِان مسجد ۾ نماز پڙهي وئي هن انهيءَ منظر کي ڏٺو ته ان جي دل محسوس ڪيو هوندو ته هن جڳهه جو وارث هتي آيو آهي ۽ ان ڪري مان انهن کان فيس نه ورتان ۽ بنا فيس جي انهن کي سڀ ڪجهه ڏيکاريان خير اسان ٻاهر آياسين ۽ ڪرنل صاحب اسان کي ان ڪوهه جي پاڻي جون بوتلون ڀري ڏنيون جنهن جو نالو بير موسيٰ آهي.

## گفتگو(ڪچهري) جي جڳهه:

ڪوهہ طورڪافي مٿي آهي ۽ ان جون هيٺ مٿي ڪوڙ چوٽيون آهن. انهن مان هڪ چوٽي آهي جنهن جو نالو " حجر موسيٰ" يعني موسيٰ عليہ السلام جي ڇپ. حضرت موسيٰ عليہ اسلسلام اتي ويندا هيا ۽ انهن جو اللّٰہ تعاليٰ سان ڪلام ٿيندو هو. اتي بيهي هڪ دفعو ڪي چيو هيائين " رب ارني انظر اليک" يعني اي اللّٰہ پاڪ! مان توکي ڏسڻ گهران ٿو. اللّٰہ تعاليٰ جواب ۾ فرمايو " قال لن تراني ولٰکن انظر الي الجبل" تون جبل جي طرف ڏس ان جبل مان مراد اها چوٽي آهي جيڪا ان چوٽي جنهن تياسان بينا هئاسيون انکان بہ مٿي چوٽي ۽ جبل آهي. پهاڙي سلسلو ساڳيو آهي پر ان آيت مان مراد اها بلند چوٽي آهي. جڏهن موسيٰ عليہ السلام ان چوٽي جي طرف ڏٺو. " فلما تجليٰ ربه للجبل جعله دڪاء" جڏهن اللّٰہ پاڪ جي تجلي ان تي پئي تہ اهو سڄو پهاڙواريءَ جي ذرن وانگر ويهجي ويو. ان دڙي جي سائيز ايتري آهي جو لوساڪا جهڙا پنج شهر ان جي اندر اچي وڃن، ايترو وڏو جبل آهي. رهبر ٻڌايو تہ اها چوٽي حجر موسيٰ ڪان بلند هئي پر اها ويهجي وئي ۽ ڪاري ٿي وئي ان جو نالو جبل دڪا آهي ۽ ان ڪي جبل طور بهچئبو آهي ۽ خاص جنهن جڳهہ هتي تجلي پئي هئي ان جو نالو جبل دڪا آهي.

## جبل دڪا:

اسان ڪي ان جبل دڪا تي چڙهڻ جو شوق هو. مون جهڙو ڪمزور ماڻهو جنهن لاءِ ڏهہ قدم هلڻ مشڪل. اهو جبل دڪا تي ڪيئن چڙهي؟ منهنجي دل هڪ ڳالهہ آئي مان پنهنجن دوستن ڪي چيو تہ توهان وڃو مان هتي انتظار ڪيان ٿو پوءِ خيال آيو تہ وڃڻ گهرجي. مان پنهنجي ساٿين ڪي چيو تہ هلون ۽ ٻي سڄي مخلوق سينٽ ڪيٿرائڻ ڪي ڏسي اڳتي ۽ مٿي وڃي رهي هئي اڌ وات تائين، ان اڌ رستي ڪان مٿي

جيڪي ماڻھو پھاڙن تي چڙھڻ ڄاڻندا ھئا اھي ئي وڃن پيا. الله تعاليٰ جو شان ڏسو اسان ٿورو اڳتي ھلياسين جبل جي اوٽ مان ٻہ اٺ ڪاھڻ وارا نوجوان ھئا مان پنھنجي رھبر کي چيو يا ان سان ڳالھاءِ! اسان توھان کي ڪرايو ڏينداسون. توھان اسان کي جبل تي ڪٽي ھلو اھي تيار ٿيا، ھڪ اٺ تي مان سوار ٿيمءِ ٻئي اٺ تي ٻيو ساٿي وينو ٿئين ساٿي چيو مان پنڌ ڪري ويندس. اٺ تي اسان جو سفر شروع ٿيو. ھاڻي اھا مخلوق ڏسي رھي ھئي تہ ھي ماڻھو پھريان گاڏين ۾ اچي رھيا ھئا ۽وري ھاڻي اٺن تي وڃي رھيا آھن. مان ان اٺ واري کان پڇيو، " اخي ما اسمک الڪريم" چيائين موسيٰ سبحان الله موسيٰ اسان کي طور تي وٺي وڃي رھيو آھي اٺ جي سواري زندگيءَ ۾ پھريون دفعو ڪيم. تقريبا ھڪ ڪلاڪ ھلندا رھياسين. ان اسان کي جبل دڪا جي ڪليل جڳھہ تي پھچايو مان پنھنجي ساٿين کي چيو تہ بس انھيءَ جڳھہ تائين چڙھياسين ڪافي آھي، ھاڻي اسان ھڪ آيت تي عمل ڪيون. ڪھڙي آيت؟ الله تعاليٰ جو فرمان آھي" اقم الصلواة للذڪري" ھاڻي ظھر جو وقت ٿيو آھي، وضو بہ آھي ھتي نماز پڙھون ٿا اسان ھڪ وڏي پٿر تي نماز پڙھي، نماز کان پوءِ ويھي دعا گھرندا رھياسين.

## زندگيءَ جي عجيب دعا:

اھا اسان جي زندگي جي عجيب دعا ھئي ڇا گھريوسين؟ اسان کي گھڻو ياد نہ آھي بس ايترو ياد آھي تہ دعا گھرندي مان ھي لفظ چيا،

"میں کہاں کہاں نہ پہنچا تیری دید کی طلب میں"

ساٿي روئڻ لڳا اھڙو عجيب ۽ پرنور وقت ھو تڏ بہ ھئي ان ۾ خبر نہ آھي تہ ڇا ڇا گھريوسين، البتہ ھڪ دعا ھيءَ گھريسين اي الله! ان پھاڙ تي موسيٰ عليہ السلام چيو ھو مان توکي دنيا ۾ ڏسڻ گھران ٿو،

اسان گنهگار آهيون پر ان پهاڙ تي اچي بس ايترو عرض ڪيون ٿا تہ توکي جنت ۾ ڏسڻ گهرون ٿا. ايالله! جنت ۾ توهان ديدار کان منع نہ فرمائجو!

لازم نہیں کہ ملے سب کو ایک سا جواب
آو نہ ہم بھی سیر کریں کوہ طور کی

يا الله! دنيا جي ڳالهہ نٿا ڪريون آخرت جي ڳالهہ ڪيون ٿا ۽ انهيءَ جڳهہ تي عرض ڪري رهيا آهيون جتي توهان جي پيغمبر موسيٰ عليہ السلام دعا گهري هئي اسان لاءِ جنت ۾ پنهنجي ديدار کي آسان فرماءِ! دعا گهري اتان واپس آياسين تہ پٽ سيف الله جو فون آيو پڇي پيو بابا منهنجي لاءِ هڪ پٿر ڪٽي اچجو مان ڏسندس. سيف الله کي ڏيکارڻ جيلاءِ مان اتان ڳاڙهو ۽ هڪ ڪارو پٿر ڪنيو ان کي ڏيکارڻ لاءِ.

## ٻيون زيارتون:

اسان جڏهن هيٺ لٿاسين تہ اتي هڪ جڳهہ آهي جنهن جو نالو بن بني هارون آهي. هيءَ اها جڳهہ آهي جتي حضرت هارون عليہ السلام پنهنجي قوم سان گڏ رهيا هئا، ۽ هڪ وڏي پٿر تي ماڻهن هڪ وڏي ڳئون ٺاهي آهي. هي اها جڳهہ آهي. جتي بني اسرائيلين ڳابي جي پوڄا ڪئي هئي. هنن سيني جاين جي زيارت اسان هڪ ئي ڏينهن عصر کان پهريان پهريان ڪري چڏي ۽ اتان واپس ٿياسين البت واپسي تي انهن اسان کي گهڻو بيزار ڪيو جنهن کي خبر ٿئي پئي تہ اسان سينٽ ڪيٿرائن کان آيا آهيون تہ اهي ڪتا آڻن پيا ۽ اسان جون بيگون سنگهائن پيا خير اسان اتان شرم الشيخ اچي ۽ جهاز تي چڙهي واپس قاهره آياسين صبح جو جڏهن اسان اٿياسين تہ اسان دوستن کي چيو اڄ هڪ ٻي آيت تي عمل ڪرڻو آهي اهي چوڻ لڳا ڪهڙي آيت تي؟ مان چيو تہ جڏهن موسيٰ عليہ السلام سان الله پاڪ هم ڪلامي فرمائي

هئي تہ هم ڪلامي جو خلاصو هيءُ هو، ” اذهب اليٰ فرعون انہ طغيٰ“ (نازعات17) تنهنڪري اسان عجائب گهرويندا سين جتي فرعون جو لاش پيل آهي پوءِ الحمد لله صبح جو اسان فرعون جي لاش تي وياسين ۽ ان کي حق جون ڳالهيون ٻڌايوسين. دل ۾ سوچيوسين ان جو روح ٻڌندو هوندو. اها وڏي عبرت جي نشاني آهي. فرعون پنجهٺ سال بادشاهي ڪئي، ويهن سالن جي عمر ۾ ان کي بادشاهي ملي هئي ۽منهنجي سمجهہ ۾ هيءَ ڳالهہ اچي ٿي تہ خدا هجڻ جي دعويٰ جو هڪ سبب اهو بہ ٿيو جو ننڍي عمر ۾ ان کي ايڏي وڏي بادشاهي ملي هئي تنهنڪري ان جو دماغ خراب ٿي ويو هو ۽ چوڻ لڳو تہ ” انا ربکم الاعليٰ“

مان فرعون جي لاش کي ڏاڍي عبرت جي نظر سان ڏٺو الله اڪبر ڪبيرا.

## نالي وارن جا نشان ڪيئن مٽجي ويا:


واپسي تي هڪ ٻن جڳهن تي وياسين، سيد احمد بدوي رحہ مصر ۾ نقشبندي سلسلي جا بزرگ ٿي گذريا آهن، ڊگهو مراقبو ڪندا هئا. مراقبي مان صرف نماز لاءِ اٿندا هئا. ڪڏهن تہ ڏهہ ڏهہ ڏينهن مراقبو ڪندا هئا ان جي ڪري انهن جي چهري تي گهڻو نور هوندو هو جو چهري کي ڍڪي رکندا هئا. هڪ دفعي سندس خادم چيو تہ سائين! توهان جي خدمت ڪندي ڪافي وقت ٿيو آهي پر توهان جو چهرو نہ ڏٺو آهي عرض آهي تہ مونکي پنهنجو چهرو ڏيکاريو! انهن ڪپڙو هٽايو تہ خادم چهرو ڏسندي ئي بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ اتي ئي فوت ٿي ويو. مان ڪتابن پڙهيو آهي تہ جنهن جڳہ تي رهندا هئا ان جو طنطنہ آهي، اتان جي ماڻهن بہ ان جي تصديق ڪئي. بدوي رحہ کي سيد لاعاشقين چوندا هئا. ان کان ٿورو اڳتي هڪڪ جڳهہ اليڪزينڊريا آهي. اسان اتي

ﺑﻪ وياسين اتي حضرت دانيل عليه السلام ۽ حضرت لقمان عليه السلام مدفون آهن. حضرت ابو الدرداء ﺑﻪ اتي آرام فرمائي رهيا آهن. هڪ ٻي زيارت ابو بصيري رحه جي قبر جي ڪئي سون. جنهن قصيده برده شريف لکيو آهي حضرت شيخ الحديث رحه فضائل درود شريف ۾ ان جو ڪجهه حصو آندو آهي.

يا رب صل وسلم دائماابدا عليٰ حبيبک خير الخلق کلهم

ابو بصيري رحه کي سيد المداحين جو لقب مليل آهي. اها جڳهه ﺑﻪ وڏي عجيب آهي. بلڪل سمنڊ جي ڪناري آهي پوءِ اسين واپس سعودي عرب ٿي آياسين ۽ عمرو ڪيو ۽ ان عمري ۾ شروع کان آخر تائين صرف شڪر ٿي ادا ڪيو.

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين



## (زیارت کوہ طور کی)

دیکھو کہ رنگ لائی ہے طاعت حضور ﷺ کی
حضرت نے کرلی اب تو زیارت بھی طور کی
مدت سے آرزو تھی کہ جائیں گے ایک دن
سن لی خدا نے گرچہ مسافت تھی دور کی
مشکل کا وہ سفر تھا رکاوٹ تھی چار سو
رستے کی ہر رکاوٹ خدا نے ہی دور کی
دیتے نہ رستہ کیسے نصاریٰ کے پادری
حاصل ہے میرے شیخ کو جو قربت حضور کی
موسیٰ کی رہبری میں پہنچے وہ طور پر
پالی شتر پر چڑھنے کی نسبت حضور کی
مرجع ہی بن گئے تھے خلائق کے آپ تو
پختہ ہے کتنی دیکھو یہ نسبت حضور کی
مسجد کو آپ نے جا کر بسایا جبین سے
خوشیوں کا لمحہ لائی محبت وہ طور کی
لکھ کر امان دی تھی جو اہل کتاب کو
قائم ہے آج تک وہ ضمانت حضور کی
حضرت کی ہی رفاقت عطا ہو حنیف کو
جنت میں جب عطا ہو رفاقت حضور کی